# نوحِ سرور رح

عظيم تر تنهن جو شان سرور، ڪريم تر انتساب سرور،
حسب مقدس، نسب مطهر، لقب معلىٰ، خطاب سرور.

تون دور الحاد لاءِ مهدي، ۽ عهد مادي سندو تون هادي،
ٿي سنڌ ۾ طور تنهنجي ڪادي، تون روڪش آفتاب سرور.

تون نولکي گودڙيءَ جو حامل، تون آهين عامل تون آهين ڪامل،
هي هند و سنڌ ۽ عرب عجم، سڀ اوهان ڪان ٿيا فيضياب سرور.

تون بي شبهہ سنڌ جو مجدد، تون عارف و غوث و قطب عالم،
تون حامي دين احمد آهين، تو آندو خوش انقلاب سرور.

تون وارث علم و فڪر حيدر، تون والي صدق و جذب اڪبر،
تون عارف راز عالم ڪن، تون حق جو آهين ڪتاب سرور.

لکن جو ڪعبو سنڌءِ ٿيو در، ۽ در سنڌءِ تي جهڪيا لکين سر،
تون سجده گاه نظر، ۽ تنهنجي مزار گردون جناب سرور.

نہ چشم ظاهر ۾ آه طاقت، جو تنهنجي حاصل ڪري زيارت،
ڇا منهنجي هي چشم ڪور ڪمتر، ڇا تنهن جو نور آفتاب سرور.

